# رستم ۽ سهراب

# Rostam And Sohrab

قيمت ست آنا

## گل ڦل آفيس، ڪراچي


جيٺن مولچند
بي - اي



پبلشرس:—
سنڌو ساهتيه پبلشنگ هائوس،
ڪراچي نمبر ١

Printed by Sri Hiranand Karamchand at the Hindustan Printing Works, Kemball Road, Karachi,
and
Published by Melaram Mangatram, at the Sundor Sahitya Office, Kemball Road, Karachi

# رستم ۽ سهراب

## باب پهريون

(١)

مسيح جي پيدا ٿيڻ کان ڇهه سؤ ورهيه اڳ جو ذکر آهي. اُن وقت ايران ۽ طهران جون ٻه مشهور سلطنتون هيون. وچ ۾ جيحون درياه وهندو هو. درياه تمام اونهو ۽ ويکرو هو. انهن ٻنهي صوبن ۾ اڪثر جنگ جاري هوندي هئي. ايران جي بادشاه جو نالو هو ڪيڪائوس ۽ طهران جي بادشاه جو افراسياب. جيڪڏهن هي ٻئي بادشاه پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ صلح سازيءَ ۾ رهن ها ته ٻنهي ملڪن جو فائدو هو. پر انهن جي مٿي تي لالچ جو ڀوت سوار هو، سو ڪين ڪٿي ٿو آرام اچي. انهيءَ ڪري اڪثر وڙهندائي رهندا هئا ۽ ۽ هرڪو ٻئي علائقي تي به قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ايران جو بادشاه تمام بزدل ۽ تندمزاج هو پر هن وٽ رستم نالي هڪ پهلوان هو. جو اهڙو ته بهادر هو جو سندس نالو ٻڌي طهرانين

جي ڏرن ڏکي ويندي هئي. اڄ بہ جيڪڏهن
ڪو بهادر ڏسبو آهي تہ ماڻهو اڪثر چوندا آهن
"ڏسو وڏو رستم پهلوان آهي". انهيءَ مان سمجهو
تہ رستم ڪيترو نہ دهشت وارو هوندو هو. چوندا
آهن تہ جڏهن هو هلندو هو تڏهن سندس پير
ڌرتيءَ ۾ پيهي ويندا هئا. هن پنهنجي بادشاه
ڪيڪائوس جي ڏاڍي خدمت ڪئي؛ ڪيترين
لڙاين ۾ شامل ٿيو ۽ هرڪنهن دفعي سوڀ پاتائين.
جيڪڏهن هو ايران جي طرف نہ هجي ها تہ
افراسياب ڪيڪائوس کي ضرور قيد ڪري مارائي
ڇڏي ها ۽ ايران تي پڻ قبضو جمائي ها، پر رستم
جي هوندي ايران تي ڪابہ مصيبت ڪانہ آئي.

( ٢ )

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي. رستم شڪار ڪرڻ
نڪتو ۽ جيحون درياه پار ڪري ويو. اُتان طهران
جو علائقو ٿي شروع ٿيو. ايرانين لاءِ انهيءَ طرف
وڃڻ ڏاڍو جوکائتو هو، مگر رستم کي ڪنهنجي
پرواه. هو تہ پنهنجي شڪار جي ڌيان ۾ پنهنجي
مست گهوڙي تي سوار ٿي سڄو ڏينهن جهنگلن
۾ ڦرندو رهيو. جڏهن سانجهي ٿي تڏهن هن کي
گهر وڃڻ جو خيال آيو؛ پر چا ڪري. رات مٿان

آئي هئي انهي ڪري سمنگان شهر جي ويجهو ندي جي ڪپ تي رات گذارڻ جو خيال ڪيائين. ڪانيون گڏ ڪري باه ٻاريائين ۽ جي هرڻ ماريا هئائين انهن مان هڪ کي پچائي کاڌائين. پوءِ نديءَ مان ٿاڌو پاڻي پي هڪ وڻ جي هيٺان سمهي پيو.

هن جي سمهڻ کان ڪجهه وقت پوءِ سمنگان جا ڪي ماڻهو اچي اُتي نڪتا. رستم جو ٿلهو متارو ۽ خوبصورت گهوڙو ڏسي هنن جو وات پاڻي پاڻي ٿيڻ لڳو. سندن سڄي علائقي ۾ نه ڪنهن وٽ اهڙو خوبصورت گهوڙو هو ۽ نه طاقتور جانور. تنهنڪري هو گهوڙو چورائي هليا ويا.

( ۳ )

صبح ٿيو: رستم جي اک کلي ته گهوڙو غائب هو. اهو ڏسي هن جون اکيون لعل ٿي ويون. سوچيائين ته ڌاريئن منهنجو گهوڙو انهيءَ ڪري چورايو آهي، جئن مان پيدل موٽي وڃان ۽ مونکي ڏسي خوب چٿرون ڪري چون "اڙي، ڏسو هي آئو بهادر رستم، جنهن جي ايران ۾ هيڏي هاڪ آهي. اسان سندس گهوڙو کسيو آهي ۽ موٽي پيدل پيو وڃي." پر آءٌ اهو هرگز ائين ٿيڻ ڪين ڏيندس.

اهو ويچاري هوُ سمنگان قلعي ڏانهن روانو ٿيو.
سمنگان بادشاه کي جڏهن رستم جي اچڻ جي خبر ملي ته هوُ سندس آجيان لاءِ قلعي کان ٻاهر هليو آيو ۽ کيس پيدل ڏسي پاڻ به گهوڙي تان هيٺ لٿو ۽ چڱي عزت آبروءَ سان گڏيس. پر رستم ناراض ٿي چيو "مان تنهنجو دوست ٿيڻ کونه آيو آهيان. مان پنهنجو گهوڙو وٺڻ آيو آهيان. مونکي خاطري آهي ته اها حرڪت تنهنجي ماڻهن جي آهي. جيڪڏهن تو منهنجو گهوڙو منهنجي حوالي نه ڪيو ته ياد رکه! منهنجو نالو به رستم آهي، مان انهيءَ جو بدلو چڪائڻ کانسواءِ ڪونه موٽندس."

سمنگان جي بادشاه وراڻي ڏني "جناب عالي! اوهان ڪاوڙ نه ڪريو مان اوهان کي ناراض ڪين ڪندس. اوهانجي گهوڙي جي جاچ ڪريان ٿو ۽ جنهن ماڻهوءَ جي اها حرڪت آهي تنهن کي سخت سزا ڏيندس."

اهو نرم جواب ٻڌي رستم جي ڪاوڙ لٿي. تنهنکانپوءِ سمنگان جو بادشاه کيس پنهنجي محل ۾ وٺي ويو ۽ سندس ڏاڍي خاطرداري ڪيائين، سٺا سٺا طعام کارايائينس ۽ چڱين ڳائي

وارين جا گانا ٻڌايائينس . جڏهن رات ٿي تڏهن سمهڻ لاءِ هڪ سينگاريل ڪمري ۾ بسترو وڇايائينس . اها سموري خاطرداري هن رستم جي دٻپ ڪان ڪئي .

( ٣ )

اتفاق جي ڳالهه ڏسو- سمنگان جي بادشاه جي سهڻي ۽ نوجوان ڌيءُ تمينا، رستم جي بهادريءَ جون ڳالهيون ٻڌي پنهنجي دل ۾ اهو ارادو پڪو ڪيو هو تہ جيڪڏهن شادي ڪنديس تہ رستم سان ڪنديس، نہ تہ ساري عمر ڪنواري رهنديس . جڏهن رات ٿي ۽ محل جا سڀ ماڻهو سمهي رهيا تڏهن تمينا پنهنجي ٻانهيءَ کي ساڻ ڪري آهستي رستم جي ڪمري ۾ آئي. اُتي پهچي هن ٻانهيءَ کي بتي ٻارڻ لاءِ چيو. بتيءَ جي ٻرڻ جي دير هئي. رستم جي بہ اک کلي پئي . هن تمينا کي ڏٺو تہ ڏاڍو اچرج ۾ پيو ۽ پڇيائين "حسينا، تون ڪير آهين؟ هتي ڇو آئي آهين؟"

تمينا وراڻيو "مان سمنگان جي بادشاه جي ڌيءُ آهيان اوهانجي بهادريءَ جي ڳالهين منهنجي دل موهي ڇڏي آهي، اجتاءِ ڪنهن بہ پرائي مرد جي سامهون نہ ٿي آهيان ۽ هي پهريون ئي دفعو

آهي جو ڪنهن مرد منهنجو منهن ڏٺو آهي. تنهنڪري اهو لازم آهي تہ اوهين بادشاه سلامت کي چئو تہ منهنجو نڪاح اوهان سان ڪرائي. هوُ خود بهادر آهي ۽ ڪڏهن بہ انڪار ڪين ڪندو.

ائين چئي تميِنا جلدي واپس ويئي. رستم ڪجهہ وقت تہ تمينا جي باري ۾ سوچيندو رهيو، تنهن کانپوءِ بستري تي ليٽي پيو. ٻئي ڏينهن هڪ وزير جي معرفت سمنگان جي بادشاه کي شاديءَ جي درخواست ڪيائين. بادشاه يڪدم قبول ڪيو ۽ تمينا جي شادي رستم سان ڪرائي ويئي.

( ٥ )

نڪاح کي گذري اڃا ڪي ڏينهن مس ٿيا هئا تہ ايران ۽ طهران ۾ اچي لڙائي لڳي. رستم سڀني سپاهيءَ جيان چيو "مونکي پنهنجي ملڪ موٽي وڃڻ کپي. ڪير ڄاڻي، ڪنهن وقت بہ منهنجي ضرورت پوي. تمينا جي مرضي هئي تہ رستم سان گڏجي وڃان، مگر سندس پيءُ ڪٿي ٿو قبول ڪري. تنهن ڪري رستم کيس هڪ مهر ڏيئي چيو "جيڪڏهن توکي پٽ ڄمي تہ هيءَ مهر سندس ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏجانءِ ۽ مونکي خبر موڪلجانءِ تہ مان اچي کيس وٺي ويندس. پر جيڪڏهن توکي

ڏيئي جمي ته بالشڪ تو وٽ رهي پئي هجي، پر ان حالت ۾ به مات ۾ نه رهجانءِ، خبر ضرور موڪلجانءِ جئن منهنجو انتظار دور ٿئي."

ڪجهه مهينن ڪانپوءِ تمينا کي پٽ ڄائو. هن سوچيو ته جيڪڏهن مان رستم کي اطلاع ڏيندس ته هو پٽ کي پاڻ سان وٺي ويندو ۽ مان اڪيلي پئي هوندس. تنهن ڪري هن سوچي ويچاري اهو فيصلو ڪيو ته رستم کي ڪوڙ لکي موڪلجي جئن هو ڪيس وٺڻ ڪين اچي. نيٺ هن رستم کي ڪوڙ لکي موڪليو ته ڌيءُ ڄائي آهي.

تمينا شايد سوچيو هو ته انهيءَ طرح پنهنجي پٽ کي پاڻوٽ رکي سگهندس. پر ڪيس ڪهڙي خبر ته قسمت ۾ ڪجهه ٻيو لکيل هو.

## باب ٻيو

### ( ١ )

تمينا جي انهيءَ پٽ جو نالو سهراب رکيو ويو ۽ سندس جنم تي سمنگان ۾ ڏاڍي خوشي ملهائي وئي. سمنگان جي بادشاه اها ڳالهه ڪنهن به طرح ظاهر ٿيڻ نه ڏني ته اهو ڇوڪرو رستم جو پٽ آهي ڇاڪاڻ ته کيس ڊپ هو ته جيڪڏهن اها خبر طهران جي بادشاه افراسياب کي پيئي ته هو ضرور

سهراب کي کنهن نہ کنهن طرح مارائي ڇڏيندو.
انهي طرح رستم کان پنهنجي شڪستن جو بدلو چڪائيندو. مگر جيڪي ٽيڙو هو تنهن کي ڪير روڪي. هي ڳالهہ ڪا رواجي ڪانہ هئا جا ڳجهي رهي. پهريائين محل مان نڪتي، پوءِ سمنگان مان نڪتي ۽ ائين افراسياب جي ڪن تائي وڃي پهتي. افراسياب جيڪڏهن چاهي ها تہ انهيءَ وقت سهراب جو سر ڌڙ سان ڪاٽي ڇڏي ها. هو بادشاه هو ۽ سندس هٿ روڪڻ وارو ڪير هو؟ پر هن سوچيو تہ جو ڳڙ ڏيڻ سان مري تنهن کي زهر ڇو ڏجي. تنهن ڪري خاموش رهيو ۽ موقعي جو انتظار ڪندو رهيو. سهراب کي اها خبر ڪانہ هئي تہ پاڻ رستم جو پٽ هو.

( ٢ )

ڪيترن سالن کانپوءِ جڏهن سهراب وڏو ٿيو تڏهن ڏاڍو بهادر نڪتو ۽ سندس بهادريءَ جي واڪاڻ پري پري تائين پکڙجي ويئي. سمنگان نہ ڇڏيو، پر ساري طهران ۾ اهڙو ڪو پهلوان ڪو نہ هو جو سهراب جي سامهون بيهي سگهي. جيڪڏهن ڪيڏانهن ويو ٿي تہ ماڻهو ڀڄي ٿي ويا، پر تنهن هوندي بہ هو هميشہ غمگين گذاريندو هو.

هڪ ڏينهن سندس ماءُ تمينا پڇيو "چو پٽ! تون هميشه چنتا ۾ ڇو ٿو رهين، ٻڌاءِ تہ توکي ڪهڙي تڪليف آهي؟"

سهراب جواب ڏنو "امي، مونکي ڪائڻ پيئڻ يا رهڻ جي تہ ڪابہ تڪليف ڪانهي. خدا سڀ ڪجهہ ڏنو آهي پر هڪ ڪندو آهي جو هميشہ چڀي پيو."

تمينا ڪلي پڇيو "اهو ڪهڙو ڪنڊو آهي جو تو جهڙي بهادر پٽ کي ٿو ستائي. مان انهيءَ کي هن دم ٽي ڪيان. ٻچا! تون مونکي سڀڪجهہ کولي ٻڌاءِ."

سهراب وراڻيو "امي! جڏهن يار دوست ٿا پڇن تہ تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي تہ مونکي ڏاڍو شرمندو ٿو ٿيڻو پوي. مون توکان ٻہ ڪيترا دفعا پڇيو آهي، مگر تو ڪڏهن بہ ڪين ٻڌايو آهي انهيءَ مان تہ اهو ٿو معلوم ٿئي تہ منهنجو پيءُ ڪو چڱو ماڻهو ڪين آهي، نہ تہ تون جيڪر مون کان سندس نالو ڪين لڪائين ها."

تمينا جواب ڏنو "پٽ! اهو ڇاٿو چوين. تنهنجو پيءُ اهڙو ماڻهو آهي، جنهن جو نالو ٻڌي سڄي دنيا ٻجندي آهي."

"سندس نالو ڇا آهي ؟"

"سندس نالو آهي رستم."

سهراب اهو ٻڌي اُڇل ڪاڏي ۽ چيائين "هن وقت تائين تو مونکي اڻڏيري ۾ ڇو رکيو؟"

"مونکي ڀپ هو ته افراسياب توکي ڪٿي مارائي نه ڇڏي، ڇاڪاڻ جو تون رستم جو پٽ آهين ۽ ڪيترائي دفعا رستم افراسياب کي ڀاري چوٽون ڏنيون آهي تنهن ڪري هوُ تنهنجي پيءُ جو دشمن آهي."

"امي، جيڪڏهن ڪو مونکي چوي ته تون ڪوُڙ ٿو ڳالهائين ته مان ڪهڙو جواب ڏيان."

تمينا جواب ڏنو "پٽ! تنهنجي ٻانهن تي جا مهر آهي اها کولي ڏس. ان تي تنهنجي پيءُ جو نالو لکيل آهي. پر ڏسجانءِ، هي راز ظاهر نه ٿئي، نه ته منهنجو خير ڪونهي."

سهراب کي جڏهن سچ پچ يقين آيو ته سندس پيءُ رستم آهي، تڏهن هن کي اهڙي ته خوشي ٿي جو پيرڏ رتي تي نٿي ٽڪيس. ڪيترا ڏينهن سهراب سوچيندو رهيو. هڪ ڏينهن ماءُ وٽ وڃي کيس چيائين "امي! مون فيصلو ڪيو

آهي ته ايران تي چڙهائي ڪريان ۽ ڪيڪائوس کي قيد ڪري سندس تخت تاج کسيان. اهو تاج مان پنهنجي پيءُ رستم جي مٿي تي رکان. تنهن کانپوءِ افراسياب سان لڙائي ڪري سندس علائقو کسي خود بادشاهه ٿي وهان. ايران تي پيءُ راڄ ڪندو ته طهران پٽ جي قبضي ۾ هوندو. پوءِ انهن ٻنهي صوبن جي وچ ۾ ڪڏهن به جنگ ڪانه ٿيندي ۽ ساري رعيت امن امان ۾ رهندي."

تمينا اهو ٻڌو ته سندس هوش حواس گم ٿي ويو ۽ روئي چوڻ لڳي "هاءِ! منهنجو پٽ پاڳل ٿي پيو آهي. ڪيس جيڪڏهن ڪو جنگ ۾ ماري وجهي ته پوءِ مان ڇا ڪنديس؟" سهراب چوڻ لڳو "امي! دل نه لاهه. مونکي جنگ ۾ ڪو به ماري ڪونه سگهندو. ڇا مان ڪمزور آهيان جو هار کائيندس. ٻڌ، مان رستم جو پٽ آهيان ۽ منهنجو نالو سهراب جنگ بهادر آهي."

تمينا وراڻي ڏني "پر پٽ! منهنجي دل ٿي ڏڙڪي. تاج تخت کي ڪٽي ڪڏ ۾ وجهه پر منهنجي نظر کان پري نه ٿي."

"نه امي! مونکي وڃڻ ڏي پوءِ ڏس ته خدا ڇا ٿو ڪري؟"

”پٽ! مان ته توکي ڪڏهن به موڪل ڪانه ڏينديس.“

”هنئر توُن ٻڌين ٿي پر جڏهن ٻئي ملڪ فتح ڪري ايندس تڏهن ڏاڍو خوش ٿينديئن ۽ چونديئن ته منهنجو پٽ ڪهڙو نه بهادر آهي جو ايران ۽ طهران ٻئي ملڪ فتح ڪري آيو.“

اهو ٻڌي تهمينا کلي ويئي ۽ چيائين ”چڱو سهراب جنگم بهادر، خدا تنهنکي سوڀ ڏئي ۽ جئن اڄ پٺي ڏيکارين ٿو تئن تنهن جلد پنهنجو منهن ڏيکارين.“

( ٣ )

جڏهن ماڻهن کي خبر پئي ته سهراب ايران تي ڪاه ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيو آهي ته آهستي آهستي هوُ به اچي سندس جهنڊي هيٺ ڪٺا ٿيڻ لڳا ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ سپاهي سندس فوج ۾ ڀرتي ٿيا. هنئر افراسياب سوچيو ته رستم پوڙهو ٿي ويو آهي ۽ سهراب جوان تنهن ڪري ڀڙيائين پئي سهراب رستم کي ماري تنهن کانپوءِ سهراب کي دوکي سان مارڻ مشڪل ڪين ٿيندو. هن پنهنجا ٻه ماڻهو هومان ۽ بارمان ٻارهن هزار فوج سميت سهراب جي مدد

لاءِ موڪليا ۽ ڪيس چوائي موڪليو ته مان تنهنجو مددگار آهيان، تون ڪا ڳڻتي ڪانه ڪر. جيڪڏهن ضرورت پوي ته مان ٻيا به سپاهي موڪليندس. هومان ۽ بارمان کي هدايت ڪيائين ته رستم کي اها خبر ڪداچت پوڻ نه ڏجي ته سهراب سندس پٽ آهي ۽ نه پيءُ پٽ جي ملاقات ٿيڻ ڏجي. جڏهن رستم مري وڃي ته مونندي رستي ۾ سهراب کي قتل ڪري ڇڏجو ۽ اوهان کي دل گهريو انعام ڏيندس.

غريب سهراب کي ڪهڙي خبر ته هي شطرنج جي چال آهي. هن ته سمجهيو ته افراسياب جو چوائي موڪليو آهي سو سچ آهي. تنهن ڪري هن هومان ۽ بارمان تي پورو پورو ڀروسو رکيو ۽ ڪائين ڪابه ڳالهه ڪين لڪائي.

آخر جڏهن اسهڻ جو ڏينهن آيو ته سهراب زره پائي ۽ هڪ تيز گهوڙي تي سوار ٿي ايران ڏانهن روانو ٿيو. ساڻس هومان بارمان ۽ هزارين سپاهي گهوڙن تي سوار هئا. سمنگان جي ماڻهن کي ته پڪ هئي ته سهراب ايران جي بادشاه کي قيد ڪري ايندو پر تمينا جي دل ڏڙڪي ٿي ۽ سندس اکين مان لڙڪ جاري هئا. سچ آهي ته ماءُ جي ممتا

هڪ عجيب شيءِ آهي. هن پنهنجي ننڍي ڀاءُ زندرزم کي گهرائي چيو "ادا، ڏس تنهنجو ڀاڻيجو اڄا ٻار آهي سندس خيال رکجانءِ ۽ رستم سان ضرور ملاقات ڪرائجانس پوءِ ڪنهن کي به مجال ڪانهي جو سهراب ڏانهن اک کڻي. پر ڏسجانءِ، متان رستم کي اها خبر ئي ڪانه پوي ته سهراب سندس پٽ آهي."

زندرزم ڀيڻ کي جواب ڏنو "ادي! تون ڪو به خيال ڪين ڪر. جيسين مان سهراب سان ساڻ آهيان تيسين ڪو به سهراب جو وار ونگو نه ڪري سگهندو."

( ۳ )

جيجون جي ڪناري جي سرحد تي جيڪو قلعو هو تنهن تي سهراب ڀڙيائين ڪاهه ڪئي. قلعدار هجير بلڪل ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته قلعو بچايان. پر ڪٿي سهراب ۽ ڪٿي هجير. سهراب بهادر اڳيان سندس ڪائي دال نه ڳري. نيٺ سهراب کيس قيد ڪيو. اهو ڏسي قلعي جا ٻيا ماڻهو گهبرائجي ويا مگر هڪ بهادر عورت گرد آفريد تي ان جو رتي ماتر به اثر ڪين پيو. هوءَ مرداڻي پوشاڪ پهري، بدن تي زره ڍڪي مٿي تي لوه

جي ٽوپي پائي هٿ ۾ ترار کڻي ٻاهر نڪتي. سهراب کيس ڏسي ڏاڍو حيران ٿيو؛ چاڪاڻ جو هوُ ننڍي عمر جو هڪ ڇوڪرو ٿي معلوم ٿي. سهراب کي اها خبر ڪانه هئي ته هوءَ مرد ڪينهي پر هڪ عورت آهي. سندس پولي پالي ڇهري کي ڏسي سهراب چيو "اي نوجوان! مونکي تنهنجي جوانيءَ تي رحم ٿو اچي. وڃ وڃي پنهنجو ڪم ڪر. تون منهنجي مقابلي ڪرڻ جي لائق ڪين آهين. تنهنجي رت ۾ پنهنجا هٿ رڱڻ نٿو چاهيان."

گرد آفريد جواب ڏنو "هڪجيرڪي قيد ڪري تو شايد سمجهيو آهي ته ميرماريو اٿم. پرمان تنهنجو تڪ مان وَر لاهيندس. مٿي ۾ جيڪو غرور پرجي ويو اٿيئي ان کي نڪمو ڪري ڇڏيندس."

اهو ٻڌي سهراب پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ ٻنهي جي وچ ۾ لڙائي شروع ٿي. ٿوريءَ ئي دير ڪانپوءِ گرد آفريد زمين تي ڪري پيئي ۽ سندس مٿو اُگهاڙو ٿي پيو. جڏهن سهراب ڏٺو ته هو مرد ڪينهي پر عورت آهي، تڏهن ڏاڍو حيران ٿيو.

گرد آفريد خيال ڪيو ته هن وقت بهادري مان ڪم نه نڪرندو تنهن ڪري ڪا کيڏ کيڏجي.

سوچي هن چيو "اي بهادر! مونکي قيد ڪرڻ مان توکي ڪجهه به حاصل ڪين ٿيندو. هيڏيڪر ڪانپوءِ قلعي ۾ منهنجي پيءُ جو حڪم هلندو. جيڪڏهن تون مونکي ڇڏي ڏين ته مان ڪيس ڇئي قلعي جون ڪنجيون تنهنجي حوالي ڪرايان. انهيءَ نموني خون خرابي به ڪانه ٿيندي ۽ تنهنجو ڪم به پورو ٿيندو."

سهراب بهادر هوءِ بهادر ماڻهو سچا ٿيندا آهن. جيڪي سچا ماڻهو هوندا آهن سي ٻين کي به سچو سمجهندا آهن. تنهن ڪري سهراب گرد آفريد جي ڳالهه تي اعتبار ڪري ڪيس ڇڏي ڏنو.

(٥)

پر گرد آفريد جي دل ۾ کوٽ ڀريل هو. هن قلعي ۾ پهچڻ سان پنهنجي پيءُ کي سڀ ڳالهيون ٻڌائي چيو "اسان لاءِ هنئر اهوئي رستو آهي ته راتو واهه هتان ڀڄي نڪرون ۽ جو ڪجهه قلعي ۾ سامان آهي سو يا ته ساڻ کڻي هلون يا ته ساڙي رک ڪريون جئن سهراب جي هٿ اسانجي ڪابه شيءِ نه چڙهي." گرد آفريد جي پيءُ پنهنجي ڌيءُ جي هيءَ رٿ پسند ڪئي. جڏهن رات ٿي ۽ سهراب جا ماڻهو سمهي پيا تڏهن هنن ڀڄي پهريائين

انهن شين کي ناس ڪيو، جن کي ساڻ کڻي وڃڻ مشڪل هو ۽ تنهن کانپوءِ روپيا، پيسا ۽ زيور پاڻ سان کڻي چور رستي کان نڪري هليا ويا. وري چالاڪي نہ ڏسو جو سهراب جا ماڻهو قلعي جي ڦاٽڪ تي بيٺائي رهيا ۽ قلعو خالي ٿي ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن سهراب کي معلوم ٿيو تہ گرد آفريد اکين ۾ سرمو پائي ويئي، تڏهن کيس ڏاڍو ارمان ٿيو. پر هنئر پڇتائڻ مان ڇاٿي وريو. هاڻي سهراب جو لشڪر اڳتي وڌيو تہ ڪيڪائوس تي حملو ڪجي.

( ٦ )

هوڏانهن گرد آفريد سندس پيءُ ۽ ٻيا سپاهي جي ڪانئرن وانگر قلعي مان ڀڳا هئا سي وڃي ڪيڪائوس جي دربار ۾ پهتا ۽ بادشاه کي چيائون "طهران جو هڪ پهلوان، طوفان وانگر ايران ڏانهن ڌوڪيندو پيو اچي ۽ سندس سامهون ٿيڻ لاءِ ايران ۾ ڪنهن بہ بهادر کي همت ڪانهي. ڪيس ڏسي دپ ٿو ٿئي. جڏهن هوُ ڪاوڙ منجهان ڳالهائي ٿو تڏهن ٻڌندڙن جو ڪاليجو ڏڙڪي ٿو. هن هجير جهڙي بهادر کي قيد ڪري ڇڏيو ۽ گرد آفريد جهڙيءَ دلاور عورت کي پڻ باند ڪيو. پر هن

ڪي چالاڪيءَ ڪم آڻي نه ته ته هوءَ به سندس قيد ۾ هجي ها."

ڪيڪائوس پڇيو "اهو ڪهڙو ماڻهو آهي، سندس نالو ڇا آهي؟ مون ته سندس باري ۾ اڄ تائين ڪجهه ڪين ٻڌو آهي."

گرد آفريد چيو "سندس نالو سهراب آهي ۽ سمنگان جي بادشاه جو پٽ ٿئي. پر آهي ڏاڍو بهادر. ايران ۾ سندس منهن مقابل رستم کانسواءِ ٻيو ڪو به پهلوان ڪونهي."

اهو ٻڌي ڪيڪائوس ڏڪڻ لڳو. ڪيس اچي ڳڻتي لڳي ته ائين نه ٿئي جو اهو سهراب مونکي قيد ڪري. انهيءَ وقت ئي هڪ ماڻهوءَ کي چٺي ڏيئي زابل ڏانهن روانو ڪيائين ته رستم کي وٺي اچي.

## باب ٽيون

(١)

جڏهن ڪيڪائوس جو ماڻهو چٺي کڻي رستم وٽ پهتو ۽ رستم پڙهيو ته طهران جي هڪ پهلوان ايران تي چڙهائي ڪئي آهي تڏهن کيس ڏاڍو عجب لڳو. سوچڻ لڳو ته هي سهراب آهي ڪير؟

ڪيڪائوس چنيءَ ۾ اهو پڻ لکيو هو ته اهو نوجوان شڪل شبيه ۾ توسان ملي جلي ٿو. هن اعلان ڪيو آهي ته ايران جو ڪوبه پهلوان جيڪڏهن منهنجي سامهون ايندو ته اُن کي قتل ڪندس. هجير سندس مقابلو ڪيو ۽ قيد ٿي ويو. گردآفريد ساڻس لڙائي ڪئي ۽ هار کاڌائين هنئر ڪوبه ماڻهو اڳتي نه ٿو وڌي. تون ايران جو سڀ کان بهادر پٽ آهين. تو ڪيترائي دفعا ايران تان مصيبتون دور ڪيون آهن. هن بلا کي به تون ئي منهن ڏيئي سگهندين. سگهو ڪر، پنهنجي ملڪ کي بچاءَ ۽ هڪ پل به اجائي نه وڃاءِ. جنهن وقت هيءَ چٺي توکي ملي تنهن وقت ئي اتان روانو ٿج.

رستم خيال ته اهو سهراب منهنجو پٽ ته ڪين آهي. وري چيائين منهنجو پٽ ڪٿن ٿي سگهندو. تمينا ته مونکي صاف لکيو هو تہ ڇوڪري جائي آهي. ڇوڪرو هجي ها ته مونسان ڪڏهن به لڙڻ ڪين اچي ها. هي ضرور ڪو ٻيو پهلوان آهي، جو جوانيءَ جي جوش ۾ مؤت سان راند ٿو ڪيڏي.

اهو سوچي هن قاصد کي چيو "ڪيڪائوس ته اجايو ٻيو بجي. حقيقت ۾ ايران کي ڪوئي خطرو

آهيئي ڪونہ. مان انهيءَ جوان کي مهرِ وانگر چيپاٽي ڇڏيندس. هن کي منهنجي سامهون ٽِڪڻ جي مجال ڪانہ ٿيندي.

تنهن ڪانپوءِ چار ڏينهن جلسو ٿيندو رهيو ۽ پنجين ڏينهن صبح جو رستم پنهنجن سپاهين کي ساڻ وٺي بادشاه ڏانهن روانو ٿيو.

( ٢ )

ڪيڪائوس نہ فقط بزدل هو پر ڪمينو بہ هو. تنهن ڪانسواءِ بيوقوف بہ ڏاڍو هو. هن کي اها سمجهہ ڪانہ هئي تہ ڪهڙي وقت ڪهڙي ڳالهہ ڪرڻ گهرجي. جڏهن هن ڏٺو تہ رستم ڇهن ڏينهن ڪانپوءِ آيو آهي، تڏهن ڪاوڙ ۾ باه ٿي ويو. ڪيس اهو بہ خيال نہ رهيو تہ هن وقت رستم ئي هو جو ملڪ جي ٻيڙيءَ کي مصيبت جي ساگر ڪان ٻاهر ٿي ڪڍي سگهيو، ۽ تنهن ڪري ڪيس ڪاوڙ نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪيس ڪاوڙ آئي ٿي تہ اُن کي روڪڻ کپندو هوس. پر هوُ ائين ڪري ڪين سگهيو؛ چاڪاڻ تہ هوُ بيوقوف هو. هن رستم کي ڌمڪايو ۽ پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڪيائين تہ "رستم منهنجي حڪم جي انحرافي ڪئي آهي ڪيس وڃي قتل ڪريو."

پر اڳتي وڌي ڪين. رستم کي هٿ کان رڳو مؤت کي سڏ ڪرڻو هو. درٻارين ۾ سڀائو ڇانئجي ويو ۽ ڪير به اڳتي ڪين وڌيو. تنهنتي ڪيڪائوس کي هيڪاري وڌيڪ ڪاوڙ لڳي. هن رڙ ڪري هڪ طوس نالي سپاهيءَ کي رستم جي گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو. طوس ويچارو ڇاڪري اڳتي وڌيو، پر رستم سندس مٿهن تي اهڙو ته ڌونشو هنيو جو هو پري زمين تي بيهوش ٿي ڪريو. تنهنڪان پوءِ رستم بادشاه ڏانهن نهاري چيو "مون اوهانجي ڪيتري نه خدمت ڪئي، پر اوهان منهنجو تسر ماتر به خيال ڪين ڪيو ۽ پريءَ درٻار ۾ مونکي ذليل ڪيو. هنئر آءٌ اوهانجي مدد ڪن ڪندس. جڏهن اوهان کي منهنجي عزت جو خيال ڪونهي ته پوءِ مونکي ڇو اوهانجي عزت جو خيال ٿئي؟ سهراب اوهان تي حملو ڪيو آهي. منهنجي ساڻس ڪابه دشمني ڪانهي پوءِ اوهان مونکي ڇو ڪوٺايو آهي. وڃو، وڃي سندس مقابلو ڪريو ته اوهان کي خبر پوي ته ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهيو."

ائين چئي رستم ناراض ٿي پنهنجا ماڻهو ساڻ ڪري درٻار مان هليو ويو. اتي ڪيڪائوس کي هوش آيو ته هيءَ غلطي ٿي؟ هنئر سهراب سان

لڙندو ڪيرءِ هيءَ جو ملڪ تي مصيبت آئي آهي انکي منهن ڪير ڏيندو.

جلدئي پنهنجو هڪ درٻاري موڪليائين ته ڪئن به ڪري رستم کي پرچائي وٺي اچ. رستم اڃا ٿورو وڌيو هو ته درٻاري کيس مليو. محبت ۽ خوشامد جون اهڙيون ته ڳالهيون ٻڌايائينس جو رستم پرچي ويو ۽ سهراب سان لڙڻ قبول ڪيائين. درٻاريءَ کي چيائين "بادشاه جو قصور معاف ٿو ڪريان، پر منهنجو هڪ شرط آهي ته مان گمنام لڙندس ۽ ائين ظاهر نه ٿئي ته سهراب سان رستم ٿو لڙي؛ چاڪاڻ ته سهراب اڃا ڪلهه جو ڇوڪرو آهي. سندس وات مان کير جي بانس پيئي اچي. ساڻس لڙڻ ۾ مان پنهنجي بي عزتي ٿو سمجهان. ماڻهو اڪثر ائين چوندا ته رستم کهڙي بهادري ڏيکاري جي هڪ ڇوڪري کي جيتيائين."

بادشاه ويچار ڪيو ته مونکي آهي انهي ڪائڻو ۽ نه وڻ ڳڻڻا، تنهنڪري چيائين "بلڪل چڱو! مونکي اهو شرط قبول آهي." اهو ٻڌي رستم جي ڪاوڙ ڍري ٿي.

(۳)

جڏهن رات آئي ۽ انڌيرو ٿيو، تڏهن رستم

لڪي ڇپي سهراب جي لشڪر ۾ ويو ته دشمن جي لشڪر جو پورو پتو پوي ۽ اهو به معلوم ٿئي ته منجهس ڪم آهي يا ائين ئي لڙڻ آيو آهي. ٻي ڳالهه ته لڙائي کان اڳ هن سهراب کي هڪ دفعو ڏسڻ ٿي چاهيو. جڏهن هو سهراب جي تنبوءَ وٽ پهتو ته چاٺو ڏسي ته وچ ۾ سهراب ويٺو آهي ۽ سندس آس پاس زند رزم، هومان، بارمان ۽ ٻيا مشهور ماڻهو ڳالهائي رهيا آهن. هومان ۽ بارمان به ڏاڍا بهادر هئا، پر سهراب جي سامهون ائين پئي ڏسڻ ۾ آيا جئن شينهن جي سامهون گدڙ. ڪيس ڏسڻ سان رستم جي دل ۾ محبت پيدا ٿي، ۽ ڇو ڪين ٿئي؛ سهراب ته سندس سڳو پٽ هو. پٽ کي ڏسندي رت کي ڇڪ اچڻ قدرتي آهي. ايتري ۾ زند رزم رستم جو پاڇو ڏسي تنبوءَ کان ٻاهر نڪري آيو، پر رستم هڪ ڪنڊ ۾ لڪي بيٺو. زند رزم واڪو ڪري چيو "اهو ڪهڙو بزدل آهي، جو چورن وانگر پيو لڪي. بهادر هميشه ته ڏينهن جي سوجهري ۾ اچي ها. رات جي اونداهي ۾ اچڻ ڪمزوريءَ جي نشاني آهي." اهو ٻڌي رستم جون اکيون رت ڇڏڻ لڳيون. هن اڳتي وڌي زند رزم جي مٿي تي اهڙو ته زور سان

ٿونشو هنيو جو زندرزم اتي ڪري پيو ۽ مري ويو. جيڪڏهن هوُ نہ مري ها تہ، رستم کي ضرور معلوم ٿئي ها تہ سهراب سندس پٽ آهي. پر جڏهن قسمت بري ٿي ٿئي، تڏهن سڀ ڪجھ ائين ئي ٿيو وڃي. زندرزم جي ڪرڻ جو آواز ٻڌي سهراب تنبوءَ کان ٻاهر نڪري آيو ۽ پنهنجي مامي کي مئل ڏسي ڏاڍو ڏکي ٿيو. سمجھيائين تہ هي سڀ ڪيڪائوس جي چوڻ سان ٿيو آهي. تنهنڪري اهو پرڻ ڪيائين تہ انهيءَ جو بدلو ايران وارن کان ۽ خاص ڪري بادشاہ ڪيڪائوس کان سياٽي وٺندس.

رستم جڏهن موٽي پنهنجي فوج ۾ آيو، تڏهن جيڪي ڪي ڏٺو يا ٻڌو هئائين سو سڀ اچي بادشاہ کي ٻڌايائين ۽ سهراب جي تعريف ڪري چيائين "اهڙو شينهن جهڙو پهلوان اڄ تائين ڪين ڏٺو اٿم. ڪيترن نہ ويڪري ڇاتي اٿس. ٻ گهو قد ڏسي طبيعت خوش ٿي ٿئي. منهنجي دل کي پڪ آهي تہ اهو نوجوان وڏو بهادر ۽ طاقتور هوندو."

( ۴ )

صبح ٿيڻ شرط سهراب هجير کي هڪ بلند جڳهہ تي وٺي ويو ۽ کيس چيائين "جيڪڏهن تو

منهنجي سوالن جو پورو جواب ڏنو ته توکي معافي ڏيندس، نه ته توکي قتل ڪري لاش کي جهنگلي جانورن جي کائڻ لاءِ ڪنهن جهنگل ۾ ڦٽو ڪندس."

هجير جواب ڏنو "چڱو، جو ڪجهه پڇڻو اٿو سو پڇو. مونکي جو ڪجهه معلوم آهي اهو سچ پچ ٻڌائيندس."

سهراب پڇيو "اهو تنبو جنهن جي چوگرد هاٿي بيٺا آهن، سو ڪنهن جو آهي؟"

"بادشاهه سلامت جو."

"۽ جو ڪبي پاسي کان آهي؟"

"اهو بهادر طوس جو آهي. هي اهو شخص آهي جنهن کي سڄو ايران ڄاڻو سڃاڻي. اُميد اٿم اوهان به سندس نالو ٻڌو هوندو."

سهراب وري پڇيو "۽ هو ڳاڙهي رنگ جو تنبو؟"

"اهو گودرز جو آهي."

"چڱو هنئر اهو ته ٻڌاءِ. هو ساوي رنگ جو تنبو ڪنهنجو آهي، جنهن تي جهنڊو ڦڙڪي ۽ جنهن جي چوڌاري ڪيترائي ماڻهو بيٺا آهن. سچ سچ ٻڌاءِ ۽ ڪوڙ نه ڳالهاءِ."

هجير کي چڱي طرح معلوم هو ته اهو تنبو رستم

بهادر جو آهي. پر هن دل ۾ سوچيو ته جيڪڏهن سچ ٻڌائيندس ته شايد سهراب رستم تي اوچتو حملو ڪري کيس ماري ڇڏي ۽ ايران کي شڪست اچي يا ممڪن آهي ته رستم گمنام وڙهڻ جو ارادو ڪيو هجي. انهي حالت ۾ جيڪڏهن سهراب کي رستم جي سچي خبر پئجي ويئي ته ڏاڍي خراب ڳالهه ٿيندي. تنهنڪري هن فيصلو ڪيو ته مرندس پر اهو ڪم نه ڪندس جنهن منجهان منهنجي ملڪ کي ڇيهو رسي. اهو ويچار ڪري چيائين "اهو تنبو انهي آفيسر جو آهي جنهنکي چين جي بادشاه ڪيڪائوس جي مدد لاءِ موڪليو آهي."

"سندس نالو ڇا آهي؟"

هنئر هجير منجهي پيو. ڪو نالو هجيس ته ٻڌائي. خيال ڪرڻ لڳو ته ڪهڙو نالو ٻڌايان، پر ڪو چيني نالو ڪو نه سجهيس، تڏهن چيائين "سندس نالو ڪجهه عجيب آهي. مون ٻڌو آهي پر هنئر ياد نٿو اچي."

( ٥ )

سهراب کي شڪ پيو ته شايد اهو تنبو رستم جو هجي ۽ هجير مونکي دوکو ٿو ڏئي تنهنڪري هن هجير کي ڌمڪائي پڇيو "ڇا اهو تنبو رستم جو نه آهي."

”بلڪل نہ. مان انهيءَ کي چڱيءَ طرح سڃاڻي سگهان ٿو.“

”چڱو ڀلا ھنئُر اهو ٻڌاءِ تہ رستم جو تنبو ڪهڙو آهي ؟“

هجير بهانو ڪري چئني پاسي نهاريو ۽ جواب ڏنو ”رستم جو تنبو تہ نظرئي نٿو اچي.“

”نظر ڇو نہ اچي؟“

”منهنجو خيال آهي تہ شايد هوُ اڃا گهر کان موٽيو ئي ڪونهي.“

”ائين ڪئن ٿي سگهندو. هيڏي وڏي لڙائي ۽ رستم نہ اچي. مان هرگز قبول ڪين ڪندس.“

”هڪ ٻي ڳالهہ بہ ٿي سگهي ٿي. ممڪن آهي رستم ۽ ڪيڪائوس ۾ اڻبڻت ٿي پئي هجي ۽ رستم جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪيو هجي.“

سهراب جي دل شاهدي ڏئي رهي هئي تہ هجير ڪوُڙ ڳالهائي رهيو هو. اهو سائو تنبو ضرور رستم جو هوندو. هن هجير کي خوب ڌمڪايو، لالچ ڏني پر هن سچ ڪين ساليو. لاچار ٿي سهراب هومان ۽ بارمان کي سڏ ڪيو پر هنن کي تہ اڳيئي افراسياب سمجهايو هو تہ سهراب جي رستم سان ملاقات ٿيڻ نہ ڏجو. تنهنڪري هنن بہ ساڳيو سر

آلاپيبو تہ اهو تنبو رستم جو ڪينهي ۽ ڪنهن ٻئي جو هوندو.

انهيءَ وقت جيڪر سندس مامو جيئرو هجي ها تہ ڪيس ڏوڪو ڪين اچي ها. جڏهن سينڌي ائين ڪِي چيو تہ اهو تنبو رستم جو ڪينهي لڏهن سهراب کي اعتبار آيو. هو سر جهڪائي دل ۾ چوڻ لڳو افسوس! ايترو پري ڪهي آيس پر تڏهن بہ پيءُ جو اجا پتو نہ لڳو. وري ويچاري چيائين "چڱ، ڪهڙو هرج آهي اجا جنگ شروع مس ٿي آهي هڪ ٻن ڏينهن ۾ سڀڪجهہ معلوم ٿي ويندو. آخر رستم اهڙو ماٺهو تہ ڪونهي جو لڪل رهي. سندس ايندئي گوڙ مچي ويندو ۽ مان سمجهي ويندس تہ اهو منهنجو پيءُ آهي."

## باب چوٿون

(۱)

رستم پنهنجي بادشاہ کي چيو هو تہ پهرئين ڏينهن جي جنگ ۾ نہ وڙهندس ۽ ڪيڪائوس اهو قبول ڪيو هو. پر جڏهن سهراب گهوڙي تي سوار ٿي ميدان ۾ آيو ۽ ڪيڪائوس جو نالو گنهي ڪيس لڙائيءَ لاءِ للڪاريائين تہ ڪيڪائوس جي منهن

جو پنوئي لهي ويو. انهيءَ وقت جو رواج هو ته جنگ جي وقت ٻنهي فوجن ۾ هڪ هڪ آدمي نڪري ايندو هو. اهي ٻئي لڙندا هئا ۽ باقي لشڪر پري بيهي تماشو ڏسندو هو. جڏهن انهن مان هڪ ماڻهو مرندو هو ته ٻيو ماڻهو اڳتي وڌي ايندو هو ۽ وري لڙائي شروع ٿيندي هئي. انهي دستور موجب طهران جي طرف کان سهراب ميدان ۾ اچي ڪيڪائوس کي مقابلي لاءِ للڪاريو. پر ڪيڪائوس نه ڏاڍو بزدل هو. هو نه تلوار کي ڏسي ئي بيهوش ٿي ويندو هو. تنهنڪري هن جلدئي رستم کي ماڻهو هٿان چوائي موڪليو "هن سهراب سان تون ئي مقابلو ڪر. مونکي نه ٻيو ڪو ماڻهو مقابلي لاءِ ڪونه ٿو سجهي."

رستم زره اوڍي گهوڙي تي سوار ٿيو. ڍال تلوار ۽ تيرڪمان کڻي جنگ جي ميدان ڏانهن روانو ٿيو، جتي سهراب اڳيئي جهنگل جي بادشاه شينهن وانگر گجگوڙ ڪري رهيو هو. رستم کي اڳتي وڌندو ڏسي ايران جي فوج کي پيٽ ۾ ساه پيو.

( ٢ )

هي پهريون ئي موقعو هو جڏهن پيءُ ۽ پٽ هڪٻئي ڏانهن پر ٻنا ڪنهن جاڙ پهاڙ جي. ڪنهن ٻئي موقعي تي جيڪر ٻئي هڪٻئي سان پيار جا

ڳوڙها ڳاري گڏجن ها پر هنئر ٻئي هڪٻئي جي قتل جا ڪانڪي هئا.

پهريائين رستم چيو "اي نوجوان! تون اڃا ٻار آهين. مون جنگ ۾ پنهنجا وار اڇا ڪيا آهن وڏن وڏن بهادرن کي قتل ڪيو اٿم. مونکي تنهنجي جوانيءَ ۽ خوبصورتيءَ تي رحم ٿو اچي. وڃ، هليو وڃ مان توکي قتل ڪرڻ نٿو چاهيان."

سهراب جي دل تي انهن لفظن جادوءَ جو اثر ڪيو. سندس دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته جيڪر لڙائي بند ڪري رستم کي گلي لڳايان، پر وري پاڻ سنڀالي پڇيائين "مان اوهان کان هڪ سوال ٿو پڇڻ چاهيان."

رستم جواب ڏنو "چئو ڇاٿو پڇين."

"ڇا اوهين ئي رستم پهلوان آهيو. جنهنجي بهادري ساري دنيا ۾ مشهور آهي ۽ جنهنجو نالو ٻڌي وڏا وڏا بهادر ڪنبي ٿا وڃن. جيڪڏهن اوهين ئي اهي بهادر آهيو ته مهرباني ڪري مونکي ٻڌايو."

"نه. آءٌ رستم ڪين آهيان. مان ته هڪ رواجي پهلوان آهيان. جيڪڏهن رستم هتي هجي ها ته ڇئني پاسن کان هل هنگامو هجي، ها پر هو

ٿـو جهڙي ڇوڪرائن سان مقابلو ڪرڻ هرگز ڪين اچي ها. هو ان کي پنهنجي بي عزتي سمجهندو آهي."

سهراب جي اُميدن تي پاڻي ڦري ويو. هن سمجهيو هو ته جڏهن رستم منهنجو مقابلو ڪرڻ ايندو ته مان پنهنجو پاڻ اُنوقت ظاهر ڪندس. مگر جڏهن هن رستم جي واتان ٻڌو ته مان رستم ڪين آهيان ته ڏاڍو مايوس ٿيو. ٿنهن ڪانپوءِ ٻنهي جي وچ ۾ لڙائي شروع ٿي.

پيءُ پٽ جي لڙائي. دنيا اهڙو نظارو بلڪل ٿورو ڏٺو هوندو. ٻئي بهادر هئا ٻئي بي خوف ٻنهي هڪٻئي کي چاهيو ٿي مگر ٻنهي کي خبر ڪانه هئي ته پيءُ پٽ آهيون. جيڪڏهن خبر پوي ها ته ٻئي ترارين اچي هيٺ ڪرن ها ۽ ڦصوئي ڦري وڃي ها.

( ٣ )

لڙائي شروع ٿي. پهريائين نيزن سان پوءِ ترارن سان ٿنهن ڪانپوءِ گرزن سان. رستم سهراب کي پنهنجي پاسيڪان چوٽ ڏيڻ ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر سهراب ڪوئي رواجي آدمي ٿوروئي هو

جو رستم کان هارائي. هوُ بہ آخر رستم جو پٽ هو ۽ ٽنهن سان گڏ نوجوان. ٻئي طرف رستم ٻڍو وڃي چڪو هو ۽ منجهس جوش هو پر جوانيءَ جي رت کانہ هئي. انهيءَ ڪري هو سهراب کي چوٽ نہ ڏئي سگهيو. وڙهندي وڙهندي ٻئي ٿڪجي ماندا ٿيڻ لڳا پر رستم زياده ٿڪجي پيو. ويچارڻ لڳو تہ هي ڪير آهي جو منهنجو مقابلو ٿو ڪري. ڪيترن پهلوانن ۽ ديون سان جنگ ڪيم مگر ڪڏهن بہ مونکي اهڙي جنگي جوڌي سان مقابلو ڪونہ ڪرڻو پيو آهي. ائين ٿو ڏسڻ ۾ اچي جڻڪ هي جوان گوشت هڏي جو نہ بلڪ رڪ جو ٺهيل آهي. هي اهيئي ڳالهيون سوچي رهيو هو تہ سهراب رڙ ڪري چيو "اچو، هنئر تير ڪمان جي لڙائي ڪريون." ٻنهي تيرڪمان کنيا ۽ پنهنجو جوهر ڏيکارڻ لڳا. ترڪش خالي ٿي ويو، پر ڪنهن جي بدن تي نهنڊ نہ آئي. ٽنهن کانپوءِ ٻئي هڪٻئي جي ڪمر پڪڙي زمين تي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. پهريائين رستم زور آزمايو ۽ اهڙي طاقت سان جو جبل جون پاڙون ڪڍي ڇڏي ها پر سهراب کي لوڏي نہ سگهيو. ٽنهن کانپوءِ سهراب رستم کي زمين تان کڻڻ چاهيو مگر رستم بہ زمين

ٽان نہ چريو. ڪڪ ٿي رستم جي مٿي ٿي اھڙي زور سان ڏڪ ھنيائين جو رستم واٽڙو ٿي ويو.

( ٤ )

سهراب کلي پڇيو ”ڇو؟ ڪھڙو حال آھي؟“

رستم جو تہ مٿو سوُر کان ڏکيو ٿي. جواب ڪھڙو ڏي. تڏھن بہ آھستي آھستي چوڻ لڳو ”ھنڌُر تہ ڏينھن اڃا پوُرو ٿيو آھي. اڄ جي جنگ انيئي ڇڏي ڏيون وري سپاٽي شروع ڪنداسين.“

جيڪڏھن سهراب چاھي ھا تہ اُن وقت ڇٽي سگھي ھا تہ جناب سانجھي ٿي آھي تہ پوءِ ڇا ٿيو اڇو تہ ڪجھ وڌيڪ لڙون. ممڪن آھي تہ اسانجي جنگ جو ڪجھ فيصلو ٿي پوي. پر ھن رستم جي چھري مان صاف ڏٺو تہ منجھس دم ڪين ھو. انھيءَ ڪري ھن رحم کان ڪم ورتو ۽ کلي چيائين ”ڏاڍو چڱو! سپاٽي ئي سھي. اوھين برابر بهادر آھيو جو اڄ منھنجي ھٿان بچي ٿا وڃو. پر ڏسجو! سپاٽي ھٿان اوھانجو لاش ئي ويندو.“

رستم کي انھيءَ تي ڪاوڙ آئي، پر رت جو ڍڪ پي ڪٽي صبر ڪيائين ۽ پنھنجي لـ ڪر ڏانھن روانو ٿيو. بادشاه ڪيڪائوس پڇيس ”ڇو بهادر!

کهڙو حال آهي؟"

رستم جواب ڏنو "عاليجاہ! هي نوجوان ته ڏاڍو زبردست پهلوان آهي ۽ لڙائيءَ جا طريقا به خوب ڄاڻي ٿو. مون اڄ ڏاءُ اهڙو ماڻهو ڪين ڏٺو. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ڄڻڪ رڪ جو ٺهيل آهي. مون ته پنهنجو پاڻ کي ئي پهلوان سمجهيو هو، پر هن کي ڏسي پتو پيو ته پاءَ جي مٿان سير آهيئي آهي. انسان کي تڪبر ڪرڻ نه گهرجي."

بادشاهه چيو"پرواه ڇو ٿو ڪرين سوڀ ٽنهنجي ئي قسمت ۾ لکيل آهي. اهو نوجوان ضرور هارائيندو."

سهراب جڏهن هومان وٽ پهتو ته کيس چيائين "يائي، سچ پڇو ته جنهن سان اڄ منهنجو مقابلو ٿيو آهي سو ڏاڍو ڪو پهلوان آهي. منهنجي ماءَ جيڪو رستم لاءِ بيان ڪيو هو اهو هن پهلوان سان ٺهڪي ٿو اچي. مونکي پڻ شڪ پيدا ٿيو، پر هوُ پاڻ ٿو چوي ته مان رستم ڪين آهيان. ڇا هوُ لڪائي ته ڪين ٿو؟"

هنئر به جيڪڏهن هومان سچ ٻڌائي ها ته سهراب ٻئي ڏينهن جيڪر لڙائي ڪين ڪري ها، پر هومان وري به کيس اونداهيءَ ۾ رکيو ۽ چيائين "نه يائي سهراب! هي پهلوان ڪداچت رستم

ڪيئنهي. توُن اجايو شڪ نہ آڻ مان هنڪي چڱيءَ طرح سڃاڻان."

سهراب سوچيو تہ هومان مونسان گڏ آيو آهي هوُ منهنجو خيرخواه ٿي مونکي ڪڏن دوکو ڏيندو تنهنڪري هن سندس ڳالهہ تي ڀروسو ڪيو ۽ وڃي پنهنجي تنبوءَ ۾ سمهيو.

## باب پنجون

(۱)

ٻئي ڏينهن جڏهن رستم ميدان ڏانهن وڃڻ لڳو، تڏهن پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي سڏي چيائين "ڀائي جان! اڄ منهنجو من ڏاڍو اُداس آهي. دل شاهدي ٿي ڏئي تہ اڄ ان نوجوان کان هارائيندس. پر توُن مايوس نہ ٿيءُ ۽ خدا تي ڀروسو رکہ. ممڪن آهي مان ئي کٽي اچان ۽ تنهنجو تيپندو گهر اچان. جيڪڏهن مان ماريو ويس تڏهن بہ کهڙو غم. مون سوين ماڻهو ماريا آهن. ڇا مون آب حيات پيتو آهي جو سدائين جيئرو رهندس. منهنجي پيءُ ۽ زال کي تسلي ڏجانءِ ۽ کين چئجان تہ رستم جي قسمت ۾ ائين ئي لکيل هو. منهنجي ماءُ کي بہ اهڙيون ڳالهيون ٻڌائجانءِ جن جي ٻڌڻ

سان سندس دل کي صبر اچي. ماءُ پيءُ کي پٽ جي موت جو ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي."

اهو ٻڌي رستم جي پاءُ جواب ڏنو "هي ڪون چوين چاٿو. مونکي ته پورو ڀروسو آهي ته هن جنگ ۾ به فتح تنهنجي ئي ٿيندي."

( ٢ )

پرهي ڳالهه رستم جي دل کي نه آئڙي. هن کي ته اهو يقين هو ته اڄ ميدان مان جيئرو نه موٽندس، تنهنڪري هو ڏاڍو وياڪل هو. پرجڏهن هو سهراب جي سامهون ويو، تڏهن سندس غم ڪاوڙ جو روپ ورتو. ڪيس گذريل سانجهيءَ وارو ڏک ياد آيو جو سهراب سندس مٿي تي هنيو هو. تنهنڪري تنديءَ مان چيائين "تون آيو آهين؟"

سهراب جي سيني ۾ محبت وري جوش ماريو ۽ چيائين "جناب اعليٰ! خبر نه آهي ته ڇو منهنجي دل ۾ اوهانجي لاءِ پاڻهي محبت پيدا ٿي رهي آهي. مان چاهيان ٿو ته لڙائي بند ڪريون ۽ ٻئي هڪٻئي جا دوست ٿي پئون. لڙائي ۾ رکيو ڇا آهي. اوهان به هن وقت تائين مونکي پنهنجو نالو ڪين ٻڌايو آهي. پر منهنجي دل شاهدي ٿي ڏئي ته اوهين ئي رستم بهادر آهيو. جيڪڏهن

ائين برابر آهي ته مونکي صاف صاف ٻڌايو ته مان لڙائيءَ کان بس ڪريان."

پر رستم تي انهن لفظن جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو. هن کي ڀرين ڏينهن جو ڏک ۽ سهراب جا لفظ ياد آيا. شيشي تي جيڪڏهن مٽي پيل هوندي ته چهرو نظر ڪين ايندو. هن غصي مان چيو "انهن مٺين ڳالهين کي پاڙوٽ رک. ياد ڪر، ڪالهه تو ڇا چيو هو. مان اڄ توسان ڪشتي لڙندس ۽ توکي ڏيکاريندس ته مان ڇا آهيان ۽ تون اجايو ڀيو باڌور ڪرين. باقي رهيو ته مان ڪير آهيان. مان ڪيرٻه هجان پر رستم ڪين آهيان."

اهو ٻڌي سهراب چيو "چڱو جناب! هليو اچ. مان به ڪشتي لاءِ تيار آهيان."

ٻئي بهادر ڪشتي لڙڻ لڳا ۽ زمين تان ايتري مٽي اُڏامي جو هڪ بادل ٿي ويو ۽ ٻئي پهلوان ان ۾ ڍڪجي ويا. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو لشڪر جيڪو پريان بيٺو هو، تنهن کي ڪجهه نٿي ڏسڻ ۾ آيو ته ڇا ٿي رهيو آهي. ڪيتري دير تائين ڪشتي ٿيندي رهي. نيٺ ٻئي پهلوان ڪاهل ٿي پيا. سندن ناسن مان گرم هوا نڪرڻ لڳي ۽ نڙي سڪي وين. مگر سهراب ايترو ٿڪل ڪين

هو جيترو رستم ٿڪاڄ ته سهراب جوان هو ۽
رستم وهيءَ کان ڪجھ موٽيل.

(۳)

سهراب جو اوچتو زور ڏنو ته رستم مٿي کجي آيو ۽ ڌڪاءُ ڪري زمين تي ڪري پيو. سهراب ٽپو ڏيئي سندس سيني تي چڙهي ويٺو. رستم جي اکين اڳيان موت نچڻ لڳو ۽ کيس پڪ ٿي ته منهنجي پڇاڙي اچي ويجهي ٿي آهي. هن ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته ڪئن به سهراب کان جند آزاد ڪريان، مگر سهراب جي اڳيان سندس ڪو به حيلو ڪونه هليو. سوچي سوچي هن فيصلو ڪيو ته هنئر ڪا ڪيڏ ڪيڏڻ گهرجي، باقي طاقت مان ڪين ورندو، تنهنڪري سهراب کي چيائين "معلوم ٿو ٿئي ته هن علائقي جي جنگي قانون جي توکي خبر ڪانهي. جيڪڏهن خبر هجيئي ها ته تون مونکي هن طرح قتل ڪرڻ لاءِ تيار ڪين ٿين ها، قاعدو آهي ته جيڪڏهن ڪوئي ماڻهو دشمن کي ڪيرائي ته پهريون دفعو کيس قتل نه ڪبو آهي، بلڪ کيس هڪ موقعو وڌيڪ ڏبو آهي."

رستم اُن وقت ڪوُڙ ڳالهائي پنهنجي جان بچائي. غريب سهراب سادو سوُدو ماڻهو هو. هن

هڪدم رستم جي ڳالهہ تي اعتبار ڪيو ۽ سند س سيني تان اُٿي بيٺو. رستم چيو "وري سپاٽي لڙائي ڪنداسين ۽ جيڪڏهن تو سپاٽي مونکي ڪيرائي ڇڏيو تہ پل ەونکي قتل ڪج."

"ڏاڍو چڱو، اڄ جنگ جي هن قانون اوهانجي حياتي بچائي، پر سپاٽي ڪونہ بچندا."

جڏهن سهراب هي لفظ چيا، تڏهن هو مشڪي رهيو هو. پر ڪيس ڪهڙي خبر تہ سند س تقدير سند س مٿي تي بهي روئي رهي هئي.

( ٣ )

سهراب پنهنجي لشڪر ۾ ويو تہ هومان پڇيو "ڇا ٿيو؟"

سهراب سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌايس. هومان کي افسوس ٿيو، چيائين "ايراني توکي دوکو ڏيئي ويو. اهڙو تہ ڪو قاعدو ئي ڪونهي. جهڙي طرح شينهن کي پڪڙي ان کي ڇڏي ڏيڻ غلطي آهي، اهڙي طرح هٿ ۾ آيل دشمن جي حياتي بخشڻ هڪ چوڪ آهي. جيڪڏهن تون اهو دوکو نہ کائين ها تہ هن وقت ڪيڪائوس جي لشڪر ۾ ماتم مچي وڃي ها ۽ اسانجي فوج ۾ خوشيون مانايون وڃن ها. افسوس تو وڏي پل ڪئي."

پر سهراب ان جي ڪا به پرواه نه هئي؛ ڇاڪاڻ ته هو بهادر هو ۽ بهادرن کي پڪ ٿيندي آهي ته پنهنجي دشمن کي ڪهڙي وقت به ڪيرائي سگهنداسون. بجندو اهو آهي جو بزدل ٿيندو آهي ۽ اهڙي ماڻهو کي هروقت اهائي چنتا هوندي آهي ته دشمن کي هنئر ڪئن قابوءَ ۾ ڪندس. تنهنڪري سهراب ڪلي جواب ڏنو "ڪهڙي پرواه. اڄ بچي ويو ته ڇا ٿيو. سپاهي ڪيس فريب ڪتب ڪين ايندو."

هومان چيو "جيڪي عقلمند آهن سي ٻين کي گهٽ ڪين ٿا سمجهن ۽ نه وري هو پاڻ تي وڌيڪ ڀروسو ٿا رکن. انهيءَ ڪري بهتر ائين آهي ته دشمن جڏهن هٿ اچي تڏهن هڪدم ڪيس ختم ڪجي. گذريل وقت وري هٿ ڪين ايندو آهي."

( ۵ )

هنئر اسانکي هتي هڪ ٻي به ڳالهه ٻڌائڻي آهي. اها ڳالهه ته ڀيريان ئي ٻڌائڻ کپندي هئي، پر اسان انهي خيال کان هن وقت تائين ترسائي هئي ته متان پڙهڻ وارن ٻالڪن کان وسري وڃي. اها ڳالهه هيءَ آهي:-

چوندا آهن ته جوانيءَ ۾ رستم ڏاڍو طاقتور هو.

اهڙو طاقتور جو ڌرتيءَ تي هلندو هو تہ ڌرتي ڏڏندي هئي. انهيءَ ڪري سندس پير زمين تي ڄمي ويندا هئا ۽ هلڻ مشڪل ٿي پوندو هوس. هڪ ڏينهن رستم سوچيو - ڪڏ پوي اهڙو سون جو ڪن ڇبري. اهڙي طاقت کان بس پليءَ جا عذاب ڏئي. تنهنڪري هن خدا جي درگاهہ ۾ روئي روئي فرياد ڪئي - او خدا! مونکان منهنجي اڌ طاقت موٽائي وٺ. خدا جو اهو شان آهي. بعضي ماڻهو خدا کان طاقت گهرندا آهن بعضي موٽائي ڏيندا آهن. پوءِ ڇا ٿيو. خدا رستم جي ٻڌي ۽ سندس اڌ طاقت موٽائي ورتي. انهيءَ ڳالهہ کي ڪيترو ئي وقت گذري ويو.

اڄ جڏهن رستم پنهنجي تنبوءَ ۾ موٽي ويو تہ هو ڏاڍو اُداس هو. هن ڪنهن سان بہ ڪلي نہ ڳالهايو ۽ جڏهن سڀ سمهي پيا تہ هو ٻاهر درياهہ جي ڪناري تي خدا جي بندگيءَ ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺو رهيو. زار زار روئي چيائين "او خدا! مونکي ڏاڍي تڪليف درپيش آهي. جيڪڏهن تون مونکي منهنجي طاقت هڪ ڏينهن لاءِ ڏين تہ جيڪر منهنجو ڪم ٿي وڃي."

چونڊا تہ خدا رستم جي عاجزيءَ واري پرارٿنا

قبول ڪئي ۽ ڪيس هڪ ڏينهن لاءِ ساري طاقت موٽائي ڏني.

رستم اهڙو خوش ٿيو جهڙن ڪنهن غريب کي خزانو ملي يا انڌي جون اکيون کلي پون يا بيمار جي بيماري گم ٿي وڃي. ٻ وڙندو پنهنجي تنبوءَ ۾ ويو. سڄي رات ڪيس ننڊ اصل ڪين آئي ۽ ان جي جاءِ تي خوشي ۽ اُميد نچي رهي هئي. سڄي رات تارا ڳڻيندي گذاريائين ۽ ڏاڍي بي صبريءَ ۾ ڏينهن جو انتظار ڪندو رهيو تهڪڏهن ٿو صبح ٿئي تهڙي سهراب ڪان پنهنجي بيعزتيءَ جو بدلو وٺان. ڏسان اڄ هوُ ڪئن ٿو موکان بچي وڃي.

## باب ڇهون

### (١)

نيٺ صبح ٿيو ۽ انهيءَ صبح جي پڻيان جا سانجهي اچي رهي هئي اها اهڙي ته خوفناڪ هئي جو اهڙي دردناڪ سانجهي ايران ڪڏهن ڪانه ڏٺي هئي. رستم آڪڙندو گهوڙي تي سوار ٿي جنگ جي ميدان ڏانهن راهي ٿيو.

اڄ سندس چهري تي خوشي ۽ اکين ۾ چمڪ

هئي. ۽ ڇو نہ هجي. اڄ تہ ڪيس پنهنجي سوپ
تي ڀروسو هو. سهراب ڪيس ڏسي ڪاوڙ مان چيو
”اي پيرا پهلوان! ڪلهہ تو مونکي دوکو ڏيئي جان
بچائي. پر ياد رکہ! اڄ مان تنهنجي ڪابہ ڳالهہ
نہ ٻڌندس ۽ توکي ضرور قتل ڪندس.“

رستم جواب ڏنو ”جوانيءَ ديواني ٿيندي آهي
۽ جوان ماڻهو ٻٽاڪون هڻڻ ۾ تکا ٿيندا آهن پر
جن زماني جون لاهيون چاڙهيون ڏٺيون آهن ۽
دنيا جا سبق پرايا آهن سي لاف نہ هڻندا آهن
تڏهن بہ مان اهو ضرور چوندس تہ هنن هٿن
گهڻن ئي سؤ رويرن جا سر خاڪ ۾ ملائي ڇڏيا
آهن. ۽ اڄ اهيئي هٿ تنهنجو هٿ پيچندا ۽
تنهنجون اهي سهڻيون اکيون دنيا ۽ دنيا جي
ڇهل پهل وري ڪڏهن بہ نہ ڏسي سگهنديون.“

سهراب ڪاوڙجي چيو ”ڇڱو اجائي بڪواس نہ
ڪر. گهوڙي تان لهي ڪشتي ڪر تہ تنهنجو
هوش جاءِ اچي.“

رستم جلدئي گهوڙي تان لهي سهراب جي
سامهون بيهي رهيو.

(۲)

ڪشتي شروع ٿي. ٺيڪ سا ڳي طرح جڏهن هڪ

ڏينهن اڳېر ٿي هئي. پر اڄ رستم جو پلڙو ڀاري هو ۽ هن سهراب کي زمين تي ڪيرائي ڇڏيو. پهريائين کيس خيال آيو تہ هن نوجوان بہ دفعا منهنجي جان بخشي آهي تنهنڪري اڄ کيس ڇڏي ڏيان پر وري ٻيو خيال آيس تہ ڪير ڄاڻي وري موقعو ملي يا نہ ملي. تنهنڪري هنکي اڄ ئي مارڻ کپي.

اهو خيال ايندئي هن جلد ئي ترار ڪڍي ۽ سهراب جي پيٽ ۾ تکبي ڏنائين.

آها! کيس ڪهڙي خبر تہ هي منهنجو پٽ آهي. جنهن کي مان پنهنجي هٿن سان پورو ڪري رهيو آهيان.

سهراب زمين تي تڙڦندي ۽ ڇيڇلائيندي چيو "افسوس! مان پنهنجي پيءُ کي ڳولڻ آيو هوس پر اها خبر ڪانہ هئي تہ هتي ئي منهنجو موت ٿيندو."

پوءِ هن رستم ڏانهن نهاري چيو "منهنجو پيءُ ڏاڍو بهادر ۽ جوان مرد آهي ۽ توکي ڪڏهن بہ جيئرو نہ ڇڏيندو. تون جيڪڏهن مڇي ٿي وڃي درياهہ جي تري ۾ لڪين يا تارو ٿي آڪاس ۾ چڙهي وڃين تڏهن بہ منهنجو پيءُ توکي ضرور ڳولهي

لهندو ۽ منهنجي قتل جو ضرور بدلو وٺندو."

رستم جواب ڏنو "اسان ٻنهي مان هڪ کي تہ مرڻوئي هو. هنئر روئڻ مان ڇا ٿيندو. مگر اهو تہ ٻڌاءِ تہ تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟"

مرڻيندڙ نوجوان جواب ڏنو "منهنجي پيءُ جو نالو آهي رستم ۽ منهنجي ماءُ سمنگان جي بادشاھ جي ڌيءُ آهي."

اهو ٻڌي رستم جي اکين اڳيان انڌيرو ڇانئجي ويو. سندس مٿو چڪر کائڻ لڳو ۽ پنهنجي پيرن تي بيهي نہ سگهيو. هن زمين تي ويهي پنهنجو مٿو جهلي ڇپائين هي ڇا ٿي ويو. ڇا مون پنهنجو پٽ پنهنجي هٿن سان قتل ڪيو. وري کيس خيال آيو تہ ممڪن آهي تہ کيس خبر هجي تہ مان ئي رستم آهيان ۽ مونکي دکہ ڏيڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائيندو هجي.

( ۳ )

اهو سوچي هن چيو "نوجوان! تو وٽ ڪهڙي ثابتي آهي تہ تون رستم جو پٽ آهين. هن کي تہ فقط هڪ ڌيءُ آهي."

سهراب جواب ڏنو "مونکي ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪهڙي ضرورت. منهنجي ٻانهن تي هڪ مهر

بذل آهي. ان کي کولي ڏسندا ته اوهانکي پروسو ايندو ته مان سچ پچ رستم جو پٽ آهيان. توهان چيو ته رستم کي ڏيڍ جائي هئي. اهو غلط آهي. منهنجي ماءُ انهيءَ خيال کان منهنجي پيءُ ڏانهن ڪوڙ لکيو هو ته مٿان هوُ پاڻڏانهن گهرائي وٺي. ڪيس ڏيڍ جائي ئي ڪانه هئي."

اهو ٻڌي رستم جڏن سهراب جي ٻانهن تان زره هٽائي پنهنجي مهر ڏٺي، تڏن سندس هوش حواس اُڏامي ويو ۽ غشي کائي ڪري پيو. جڏهن هوش آيس ته زار زار روئي چهائين "مان ئي اهو بدقسمت رستم آهيان، جنهن جي هٿان تو جهڙو سوُرويرپٽ قتل ڪيو آهي."

سهراب وراڻيو "افسوس! مونکي ڪيترائي دفعا خيال آيو ته اوهين ئي رستم آهيو ۽ انهيءَ ڪري ئي مون هر هر اوهان کان پڇيو، مگر افسوس جو هر ڪنهن دفعي اوهان انڪار ڪيو."

رستم پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا. هٿيار زمين تي اُڇليائين ۽ مٿي ۾ مٽي وجهي ڦٿي هيانءَ روئڻ لڳو ۽ ترار ڪڍي پنهنجو پاڻ کي قتل ڪرڻ لڳو، پر سهراب هٿ جهلي چيس "هڪ غلطيءَ جي پٺيان ٻي غلطي نه ڪريو. انهيءَ مان ڇا ورندو."

رستم هرهر ڏڏو ساه ٿي کنيو ۽ چيائين ٿي ”افسوس! مان ڪهڙو نه ظالم پيءُ آهيان، جنهن جي هٿ سان شينهن جهڙو پٽ مارجي ويو. ڪئن سندس ماءُ کي پنهنجو منهن ڏيکاريندس. جڏهن هوءَ پڇندي سهراب ڪٿي آهي ته ڪهڙو جواب ڏيندس. منهنجو پيءُ پٽ جي شڪل ڏسڻ لاءِ تڙپيو ٿي اهو چا چوندو. مان دنيا ۾ بيدلي جا ڏينهن ڪئن گذاريندس. بدنصيب ڇوڪرا! تون ايران فتح ڪرڻ آيو هئين. توکي ڪهڙي خبر ته خودئي هار ڪائيندين. جيڪر مان پنهنجو نالو نه لڪايان ها ته اڄ منهنجي ڪليجي ٿي خنجر نه وهي ها. پرپٽ! تون اڪيلو نه وڃ. مان به توسان هلان ٿو. قبر ۾ انڌيرو هوندو توکي ڊپ ٿيندو. تون اڃا بالڪ آهين. مان تنهنجي سنڀال ڪندس.“

هيڏانهن رستم روئڻ ٿي رنا ۽ سهراب سندس ويجهو بيهوش پيو هو، هوڏانهن پريان لشڪر جا ماڻهو ڏسي رهيا هئا ته ڪير ٿو هارائي ڪير ٿو کٽي.

( ۴ )

ڪيڪائوس جي لشڪر جڏهن ڏٺو ته رستم جو گهوڙو خالي آهي ته ڪين اهو انديشو ٿيو ته شايد رستم مارجي ويو. ڪيڪائوس خيال ڪيو ته

جيڪڏهن رستم مارجي ويو ته منهنجي حڪومت وئي. سهراب جو مقابلو ڪرڻ ڪا چرچي جي ڳالهه ڪانهي. سڄي ايران ۾ ڪو به ماڻهو اهڙو ڪونهي جو هن شينهن جي ٻچي کي شڪست ڏئي.

اهو سوچي هن جاسوسي ڪيو ماڻهو جنگ جي احوال آڻڻ لاءِ موڪليا. اهي ماڻهو جڏهن رستم وٽ پهتا ته ڇاڻا ڏسن ته هو زمين تي ڪري ماتم ڪري رهيو آهي ۽ سندس ويجهو سهراب دم ڏيئي رهيو آهي.

هنن رستم کان پڇيو "تون روئين ڇو ٿو؟ سهراب جي موت تي توکي ۽ اسان کي خوشي ڪرڻ کپي."

پر جڏهن کين اهو معلوم ٿيو ته سهراب رستم جو پٽ آهي ته اکين ۾ آنسو آڻي هو به روئڻ لڳا. ڇاڪاڻ ته پيءُ جي هٿان پٽ جو قتل ڪا اهڙي ڳالهه ڪانهي جو سندن دل تي اثر نه ٿئي.

( ۵ )

ٿوري دير ڪانپوءِ هيءَ ڳالهه سڀ ڪنهن جي ڪن پئي ته سهراب کي رستم ماريو آهي ۽ هو فقط ڪن ٿورين گهڙين جو مهمان آهي. اهو ٻڌي طهرانين جا چهرا زرد ٿي ويا ۽ هٿن مان پکي اُڏامي

ويو. پر ٻئي طرف ايران جي فوج ۾ سوين جا نغارا وڄڻ لڳا ۽ هنن طهران جي فوج تي حملو ڪيو. سهراب مري رهيو هو. هن کي انهن ڳالهين جي کهڙي خبر. پر اوچتو ڪيس پاڻهي اچي خيال پيو ته مونکان پوءِ منهنجي فوج کي ايران جا سپاهي تباه ڪري ڇڏيندا، تنهنڪري رستم کي چيائين "آباجان! جو ٿيڻو هو سو ٿي چڪو. هنئر اوهانجي روئڻ ڪري نه مان بچي ٿو سگهان ۽ نه منهنجا زخم ٺيڪ ٿي ٿا سگهن. پر مان اوهان کي هڪ وينتي ٿو ڪريان ته منهنجي لشڪر کي واپس وڃڻ جي موڪل ڏني وڃي. ٻيئن به ته مان طهران ۾ ڄائو نپنو آهيان ۽ مونکي طهران سان محبت آهي."

رستم انهي وقت ئي پنهنجي سپاهين کي چوائي موڪليو "خبردار! ايران جو ڪو به ماڻهو طهران جي سپاهيءَ کي هٿ نه لائي، نه ته مان ساڻس خراب نموني پيش ايندس."

انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو هومان ۽ بارمان پنهنجي لشڪر کي وٺي طهران هليا ويا ۽ ڪين ڪنهن به روڪڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي.

هنئر هڪ ڳالهه ٻيي به ٻڌو- بادشاه ڪيڪائوس

وٽ هڪ اهڙي دوا هئي، جا جيڪڏهن زخمن کان مرندڙ ماڻهوءَ کي پياري ويندي هئي ته اهو بچي پوندو هو ۽ سندس زخم ڇٽي ويندا هئا. ان دوا جو نالو هو نوش دارو. پٽ جي موت جي درد ۾ رستم کان هن ڳالهه جو خيال ئي نه رهيو. اوچتو هنکي هن عجيب دوا جو اچي خيال پيو ۽ پنهنجو ماڻهو ڪيڪائوس ڏانهن موڪلي کيس تاڪيد ڪيو ته دوا وٺي هڪدم واپس اچ ته سهراب کهڙي به طرح بچي پوي. اهو ماڻهو ڊوڙندو ڪيڪائوس وٽ پهتو، پر ڪيڪائوس اهڙو ته ڪمينو ۽ احسان فراموش نڪتو جو دوا ڏيڻ کان انڪار ڪيائين ۽ چيائين "ان ڏينهن رستم منهنجي بي عزتي ڪئي هئي ۽ سهراب مونکي بزدل ڪوٺيو هو، انهيءَ ڪري مان اها دوا نه ڏيندس. مري ٿو ته مرڻ ڏيوس. مونکي ڪهڙي پرواه."

رستم اهو جواب ٻڌي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ چيو "هي ڏسو! مون هن ماڻهوءَ سان ڪيتريون نه نيڪيون ڪيون، پر اڄ هن منهنجو ذرو به خيال ڪين ڪيو. جيڪڏهن انسان هجي ها ته منهنجي خدمتن جو قدر ڪري ها." وري کيس خيال آيو ته دنيا ۾ اڪين جو لحاظ ٿيندو آهي. جيڪڏهن

پاڻ بادشاهه وٽ وڃان ته شايد انڪار نه ڪري. پوءِ پاڻ بادشاهه جي محل ڏانهن روانو ٿيو، مگر جو قسمت ۾ لکيل هو تنهنکي ڪير روڪي. رستم اڃا محل جي دروازي وٽ مس پهتو ته هڪ قاصد اچي چيو "هندر دوا جي ضرورت ڪانهي. سهراب اڳيئي گذري چڪو آهي."

( ٦ )

رستم غشي کائي زمين تي ڪري پيو. ڪيتري وقت ڪانپوءِ ڪرندو، ٿابڙندو وري انهيءَ جڳهه تي آيو جتي سهراب بهادر جو لاش پيو هو ۽ رنج ۽ غم جون هنجون هارڻ لڳو. پنهنجو تنبو ساڙي ڇڏيائين، هٿيار پڻ ڇڏيائين ۽ پٽ جي لاش کي کڻي پنهنجي وطن ڏانهن راهي ٿيو. جڏهن هي خبر رستم جي پيءُ ماءُ کي ملي ته هو به روئڻ لڳا ۽ چيائون "افسوس! هن ننڍي ڪفن ۾ انهيءَ بهادر جو لاش بند آهي، جنهن جي مشهوري لاءِ ايران ۽ طهران ٻئي پورا ڪين آهن، جو پنهنجي پيءُ جي تلاش ۾ آيو هو ۽ پيءُ جي ئي هٿان قتل ٿي ويو."

پر انهن ڳالهين مان ڇا ورندو، جو مري ويو سو وري ڪٿان موٽندو. سهراب جي لاش کي

ڏاڍي ڌام ڌوم سان دفن ڪيو ويو. سندس جسم مٽيءَ ۾ ملي ويو، پر سندس نالو هميشه اَمر رهندو ۽ رهيو آهي.

## باب ستون

(۱)

جڏهن هيءَ ڳالهه سمنگان ۾ پهتي ته تمينا جي اکين ۾ دنيا انڌيري ٿي ويئي ۽ ڪيس ائين معلوم ٿيو ته زمين ۽ آسمان سڀڪجهه اُلٽ پلٽ ٿي ويو آهي. ويچار ڪيائين هنئر منهنجي زندگي ڪهڙي ڪم جي رهي. پوءِ ٻاهه ٻاري ان ۾ ٽپو ڏنائين پر جلدئي سندس پيءُ ۽ ٻين مائٽن ڪيس اچي بچايو ۽ چيو "هي ڇاٿي ڪرين. دنيا ۾ هزارين ماڻهو ٿا مرن. انهن سان ڪير ٿو مري." تمينا جلي مئي ڪانه، پر پنهنجا وار ساڙي ڇڏيائين. منهن تي داغ لڳايائين ۽ پنهنجي خوبصورتي اصل مٽائي ڇڏيائين.

(۲)

انهيءَ سان تمينا جو ڏک نه گهٽيو، پر ڪاوڙ ڪانه لٿس. هڪ ڏينهن ڪجهه سپاهي ساڻ وٺي ايران ڏانهن رواني ٿي ته پنهنجي پٽ جي قاتل رستم

ڪان بدلو وٺان. ٿورو خيال ڪريو-هيءَ اُها عورت هئي جا رستم جي ناليءَ ٿي جان ڏيندي هئي، ڪيس چاهيندي هئي. اڄ هوءَ ان ڪان بدلو وٺڻ لاءِ وڃي رهي هئي. اها آهي ماءُ جي ممتا.

ايران جي علائقي ۾ تمينا وڌندي ٿي ويئي، پر ڪنهن ڪيس روڪيو ڪين، ڇاڪاڻ ته هرڪنهنکي خبر هئي ته هن ويچاريءَ جي قسمت ٿڦل هئي، تنهن سواءِ ٻي ڳالهه به هئي ته جيڪڏهن ڪو هنکي روڪي ها يا نقصان پهچائي ها ته رستم هن جون هڏيون پيهي ڇڏي ها ۽ خون پئيس ها.

جڏهن تمينا زابل ۾ پهتي تڏهن سندس دل دکه سان ڳوڙي هئي ۽ سندس اکين مان آنسن جو درياه جاري هو. هن پنهنجي سهري کان پڇيو "بڏاءِ ته منهنجو پٽ ڪٿي آهي. هوُ پنهنجي پيءُ جي تلاش ۾ آيو هو، مگر افسوس پڻس ڪيس نه سڃاتو ۽ ڪيس قتل ڪري ڇڏيو."

اهو ٻڌي سهرس زار زار روئڻ لڳو ۽ جواب ڏنائين "ڌيءُ! اسانجي قسمت بري هئي، نه ته اهڙو پٽ جنهن خاندان ۾ هجي ان کي ڪنهنجي کهڙي پرواه."

(٣)

تمينا جي دل ڪاوڙ سان ڀرجي آئي هئي. هن پڇيو "رستم ڪٿي آهي؟" جڏهن رستم سندس سامهون آيو تہ هوءَ پاڳل ٿي پيئي ۽ ديوانگيءَ جي حالت ۾ هن رستم تي حملو ڪيو. پر رستم جي ماءُ ڪيس هٿ کان جهلي چيو "ڌيءُ! هوش ڪر. تون ھي ڇاٿي ڪرين. هيءُ تنهنجو مڙس ۽ تنهنجي پٽ جو پيءُ آهي."

تمينا جي هنئر اکہ کلي. هن رستم کان معافي گهري چيو "منهنجي دل منهنجي وس ۾ ڪانہ هئي، نڪو دماغ ٺڪاڻي هو. سهراب جي موت مونکي بلڪل تباه ڪري ڇڏيو آهي."

ان ڪانپوءِ هوءَ هڪ سال جيئري رهي، مگر مئلن کان بہ بدتر. نہ کلندي هئي ۽ نہ چڱيءَ طرح کائيندي پيئندي هئي. جڏهن اڪيلي هوندي هئي تہ سهراب کي ياد ڪري روئندي هئي ۽ ايترو روئندي هئي جو نڙي گهگهي ٿي ويندي هئس. رستم ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ ڪئن بہ سندس دل خوش ٿئي، مگر سندس جيءُ قابوءَ ۾ ڪين ايندو هو. سچ پڇو تہ جنهن جو جوان پٽ هن طرح مري وڃي تنهن جي دل تي جيڪي

وهندو سا ان کي خبر، باقي ٻئي کي کهڙي سڌ.
آخر پٽ جي ڏک ۾ ڳري ڳري سال کانپوءِ مري
ويئي. هنئر ته رستم تي جڻ ڦهاڙ ڪريو. اڃا پٽ
جو موت به هو وساري نه سگهيو هو ته سندس زال
به مري ويئي. ڪاليجي ٿي ٻي ڇري لڳس ۽
هر ڪنهن وقت ڏک ۾ رهڻ لڳو. پر ٻئي پيءُ ماءُ
کيس تسلي ڏيئي چيو "جو ڪجهه ٿيڻو هو سو ٿي
چڪو. ڇا مرڻ سان هـو جيئرو ٿيندو، تنهنڪري
اهو غم ڇڏي ڏي ۽ پنهنجي دل دنيا ۾ لڳاءِ."

# باب اٺون

## (١)

آهستي آهستي رستم جي دل ٻئي پاسي لڳي
۽ هن وري سلطنت جي ڪمن ۾ چاه وٺڻ شروع
ڪيو. ايران جي ڪيترن ئي دشمنن کي شڪست
ڏني، بادشاهن کي قيد ڪيو ۽ ايران جي ماڻهن
کي ڪيترائي فائدا پهچايائين. هڪڙو ته هو بهادر
هو ۽ ٻيو ته منجهانئس ماڻهو ڏاڍو خوش هئا.
سڄو لشڪر مٿس جان ڏيندڙ هو. هو چاهي ها ته
ايران جو بادشاه ٿي سگهي ها. هيءَ ڳالهه هن لاءِ
ڪا مشڪل ڪانه هئي. پر هن بادشاهيءَ لاءِ لالچ

نہ ڪئي ۽ ملڪ جي شيوا ڪندو رهيو ٽنهنڪري ماڻهو پاڻ وڏيڪ خوش ٿيا ۽ چوڻ لڳا ڏسو تہ رستم ڪهڙو نہ بهادر آهي. چاهي تہ اڄ ئي ايران جو تخت حاصل ڪري سگهي ٿو ليڪن هو نٿو ڪري. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو ڪيترو نہ نيڪ ماڻهو آهي.

رستم جي هن سٺي سڀاءَ جي ڪري سندس ماٽيلو ڀاءُ شغاد اندرئي اندر جلڻ لڳو ۽ سوچيائين تہ جيڪڏهن رستم مري وڃي تہ ايران ۾ مان ئي سڀني کان وڏو بهادر ڳڻيو وڃان. سچ آهي ڀاءُ جهڙو نڪوئي دوست نڪوئي دشمن. هنئر اتفاق ڏسو- انهيءَ وقت ڪابل جو بادشاه رستم کي ڏن ڏيندو هو ۽ رستم هرڪنهن سال ڏن جا پئسا پاڻ وٺڻ ويندو هو. ڪابل جو بادشاه سڙندو تہ ڏاڍو هو پر هو ڇا ڪري، رستم جي سامهون سندس ڪجهہ ڪين هلندو هو. سوچي هن شغاد کان پنهنجو ڪم ڪڍڻ چاهيو. شغاد کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ ڪيس پنهنجي ڌيءُ پرڻائي.

( ٢ )

هڪڙي ڏينهن شغاد پنهنجي سهري کي چيو "تون هرسال ايترا روپيہ رستم کي ڇو ٿو ڏين؟"

ڪابل جي بادشاه جواب ڏنو "نه ڏيان ته رستم قيامت ڪٽي ڪري ڇڏيندو. ساڻس وڙهڻ جي مونکي همت ڪانهي."

شغاد چيو "مگر ڪيس خيال رکڻ گهرجي ته مان هنئر تنهنجو مائٽ آهيان."

"پر هوُ ائين نه ڪندو."

"تون ڪيس ماراءِ چونه ٿو ڇڏين. نه رهي بانس نه وجي بانسري."

ڪابل جي بادشاه پڇيو "پلا ڪا تجويز ٻڌاءِ."

"مان وڃي ٿو رستم کي چوان ته بادشاه منهنجي بي عزتي ڪئي آهي. رستم اهو ڪڏهن به برداشت ڪين ڪندو ۽ بدلو وٺڻ لاءِ ڪابل تي چڙهائي ڪندو. مان به ساڻس گڏ هوندس. تون جلدي اچي معافي گهرجانءِ. هن سڙڪ تي ڪجهه ڪڏون کوٽائي ڇڏجانءِ ۽ منجهس نيزا ۽ تلوارون لڪائي رکجانءِ. ڪڏون مٿان اهڙي طرح ڍڪيل هجن جئن ڏسڻ ۾ ڪجهه ڪين اچي. باقي جو ڪجهه ٿيندو اهو مان پاڻهي سمجهندس."

ڪابل جي بادشاه چيو "ڏاڍو چڱو، ڪڏن جي کوٽائي جو ڪم اڄ ئي ٿو شروع ڪريان."

هيڏانهن هي ڪم شروع ٿيو هوڏانهن شغاد

زابل ۾ پهچي رستم کي چيو "ادا! ڪابل جي بادشاه منهنجي ڏاڍي بي عزتي ڪئي آهي."

"ڇو ڇا ٿيو آهي."

"هڪڙي ڏينهن مان تنهنجي تعريف ڪري رهيو هوس ته چوڻ لڳو انهيءَ ۾ تنهنجو ڇا. مون جواب ڏنو ڇو هو منهنجو ڀاءُ ڪينهي. چوڻ لڳو گهر ۾ ڪو پڇيئي به ڪين ۽ وڏو رستم جو ڀاءُ بڻيو آهين. رستم ٽوڪي نوڪرن ڪان به زياده ذليل ٿو سمجهي. نه ڪوئي تنهنجي پرواه ٿو ڪري ۽ نه ڪوئي ٽوڪي ڪنهن ڪم ۾ صلاح ٿو وٺي. ڇا ڀائر اهڙا ٿيندا آهن. ادا! سندس ڳالهيون اهڙيون هيون جڻ زهر ۾ ٻڏل تير، جي منهنجي دل ۾ چڀي ويا."

رستم ڪاوڙ مان چيو "هنئر ڪيس ايتري همت ٿي آهي."

"دل ٿي چوي ته جيڪر زهر ڪائي مران."

"تون ڪو به خيال ڪين ڪر. مان ڪيس پاڻهي سڌو ڪندس."

( ٣ ).

شغاد دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو ته شينهن پنڃري ۾ ڦاٿو. هنئر ويندو ڪيڏانهن. رستم کي ڪهڙي

خبر نہ هئي پاڻ ٿي دغا ڏيندو. هن جلد ئي ڪابل تي حملو ڪيو. ڪابل جي بادشاهه جهٽ اچي معافي ورتي ۽ چيو "مونکان ڀل ٿي. اُن وقت ڪاوڙ ۾ جو زبان تـي آيو سو چئي ويٺس. مگر هنئر پڇتايان ٿو. شل منهنجي زبان ۾ ڪينئان پون." جڏهن رستم سندس اهي ڳالهيون ٻڌيون تہ ڪيس رحم آيو. چيائينس "وري ائين نہ ڪجانءِ، نہ تہ معاف ڪين ڪندوسانءِ." ڪابل جي بادشاهه چيو "منهنجي ڪهڙي مجال آهي."

رستم واپس وڃڻ لاءِ تيار هو پر شغاد ۽ ڪابل جي بادشاهه زور ڪري ڪيس ڪجهہ ڏينهن لاءِ ترسايو. چاڪاڻ اصل ڳالهہ تہ هنئر شروع ٿيڻي هئي. رستم ويچاري کي ڪهڙي خبر تہ هي منهنجي خون جا پياسي آهن. رستم هڪ ڏينهن شڪار ڪرڻ نڪتو تہ شغاد ڪيس سڙڪ تي وٺي ويو جتي کڏون کوٽيل هيون.

رستم جو گهوڙو پهريائين کڏ جي پرسان پهچي بهي ويو. هو تہ جانور، پر هن سنگهڻ سان معلوم ڪيو تہ هت جاءِ خالي آهي. اڳتي وڌندس تہ ڪري پوندس. رستم گهوڙي کي پچڪاري چيو

"چو پٽ! تون ڀڄي ڇو وئين؟" پر گهوڙو پنهنجي جاءِ تان ڪين چُريو.

هي پهريون ڀيرو هو جڏهن رستم جي گهوڙي هلڻ کان انڪار ڪيو، تنهنڪري ڪيس ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ گهوڙي کي زور سان اڙي هنيائين. اڙي کائي گهوڙو زور سان هليو، پر ڪري پيو. تلوارون ۽ نيزا سندس بدن ۾ چُڀي ويا.

( ٣ )

رستم هنئر سمجهيو ته گهوڙو ڇو ڀڄي رهيو هو. دل ۾ ويچار ڪيائين ته جيڪڏهن انهيءَ وقت خيال ڪريان ها ته هن مشڪلات ۾ نه ڦاسان ها. هن وري به پنهنجي حوصلي کان ڪم ورتو ۽ گهوڙي کي وري اڙي هنيائين. گهوڙو ٽپو ڏئي ٻاهر نڪري آيو. جيڪڏهن زمين صاف هجي ها ته ٻئي بچي پون ها، پر هتي ته گڏ وگڏ ڪيترين کڏون کوٽيل هيون، تنهنڪري گهوڙو ۽ رستم ٻئي کڏ ۾ وڃي ڪريا ۽ اُتان نڪتا ته وري ٽئين ۾. اهڙيءَ طرح ڇهه دفعا گهوڙي اُڇل کاڌي، پر ستين دفعي سندس ۽ رستم جو بدن چاڙهجي پيو ۽ هو ٻاهر نڪري زمين تي ڪري پيو.

بنهي جي بدن ۾ تلوارن ۽ نيزن جا گهاءَ لڳل هئا ۽ انهن مان خون وهي رهيو هو. رستم کي يقين ٿيو ته هنئر ڪين بچندس. ڪيس اها به خبر پئي ته اها سڀ شغاد جي شرارت آهي. هڪ اڌ ڪڏ هجي ها ته شڪ جي ڳالهه ڪانه هئي، پر هڪدم ست ڪڏون ڪئن ٿيون. شغاد کلي چيو "چڱو ادا! هنئر اسين وچون ٿا، تون مزي سان شڪار ڪر."

رستم چيو "تو مونکي دوکو ڏنو آهي. مونکي تو منجهان اهڙي اُميد ڪانه هئي."

"اها تنهنجي بيوقوفي هئي."

"پر مون تنهنجو ڇا بگاڙيو هو؟"

"هنئر الله الله ڪر. انهن ڳالهين ۾ ڇا رکيو آهي."

رستم چيو "منهنجي هڪ آخرين درخواست آهي جنهنکي قبول ڪر."

"ڪهڙي درخواست آهي."

"مان سخت گهايل آهيان. هنن زخمن جي ڪري منهنجي جان بچڻ مشڪل آهي، پر جڏهن جهنگلي جانور اچي بدن جو ماس پٽيندا، تڏهن ڏاڍو درد ٿيندو، تنهنڪري مونتي هڪڙو احسان

ڪري هڪ تيرڪمان آڻي ڏي ته جيئن جيئرو رهان ته به پنهنجي حفاظت ڪندو رهان."


شغاد کي مٿس رحم آيو. هن تيرڪمان ڪڍي رستم جي هٿ ۾ ڏنو. رستم تيرڪمان وٺي هڪ نعرو هنيو ۽ چيو "اي ڪمينا، هنئر تون مونکان ڪيڏانهن بچي ڀڄندين."

شغاد جون اکيون کليون ته هيءَ وڏي بيوقوفي ڪيم، هاڻي ڇا ڪريان. ڀرسان هڪ وڻ هو. هوُ يڪدم انهي پٺيان وڃي لڪو.


مگر رستم ڪمان تي تيرچاڙهي جو ڇوڙيو ته اهو وڻ کي چيري شغاد جي ڇاتيءَ ۾ وڃي لڳو. رستم مري رهيو هو، مگر سندس جسم ۾ طاقت زنده هئي.

شغاد مري ويو. ڪيس گناهن جي سزا اُن دم ملي، مگر اُن مان رستم کي ڪوئي فائدو نه پهتو. ٿوري دير ڪانپوءِ هن به ٽٽڪي ٽٽڪي پران ڏنا. اهڙيءَ طرح رستم جي پهلواڻي ٿـي پر بهادريءَ سبب هوُ اَمر ٿي ويو ۽ اڄ به سندس نالو پيو ڳائجي.

پورو ٿيو



مسٽر ليو جو ڇوڙيو تہ اُهو وڻ کي ڇهي شعاد
جي ڇاتيءَ ۾ وڃي لڳو.



تهمينا ٻانهيءَ کي ساڻ ڪري رستم جي ڪمري ۾ آئي آهي. رستم سهاڳ تي پڇيو- حسينا تون ڪير آهين؟